SHAH ABDUL LATIF CULTURAL SOCIETY KARACHI

سنڌي معاشرو ۽ سنڌ سياڻي

شاهه عبداللطيف ڪلچرل سوسائٽي

جي

ڪانفرنس ۽ سيمينار

جي موقعي تي سوسائٽي جي صدر

الحاج سيد غلام مصطفيٰ شاهه

جي

استقباليه تقرير

خميس ١٩ مارچ ١٩٨٧ع

٤ بجي شام

سنڌي معاشروءِ سنڌ سياڻي

19 مارچ 1987ع تي شاهه عبد اللطيف ڪلچرل سوسائٽي جي ڪانفرنس ۽
سيمينار جي موقعي تي سوسائٽي جي صدر

سيد غلام مصطفيٰ شاهه

جي استقباليه تقرير

ڊجيٽل ايڊيشن

2016

ڪمپوزنگ : شاهنواز سومرو

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر (133) اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. 19 مارچ 1987ع تي شاهه عبداللطيف ڪلچرل سوسائٽي جي ڪانفرنس ۽ سيمينار جي موقعي تي سوسائٽي جي صدر **سيد غلام مصطفيٰ شاهه** جي استقباليه تقرير ڪي ڪتابي شڪل ۾ ڇاپيو ويو آهي. تقرير ۽ ڪتابڙي جو عنوان آهي **"سنڌي معاشرو ۽ سنڌ سياٽي"**.

اسان ٿورائتا آهيون سائين **شاهنواز سومري** صاحب جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوزنگ ڪري سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني. سائين شاهنواز سومرو سنڌي ڪمپيوٽنگ جي شروعاتي ڏينهن کان ئي سنڌي ڪتابن جي ڪمپوزنگ وارو ڪم ڪندو رهيو آهي. سندس ڪاوشون ساراهه لائق آهن جو ڪمپيوٽر تي ٻوليءَ جي ترقي لاءِ سدائين جاکوڙيندا رهيا آهن.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com

عزيزو: آئون توهان سڀني دوستن، بزرگن، نوجوانن ۽ عورتن جو مشڪور آهيان جو توهان اسانجي مفلسيءَ جي سَڏ تي هِتي آيا آهيو.

آئون خاص طرح ۾ محترمه بينظير ڀٽو صاحبه جن جو مشڪور آهيان جو اسان جي دعوت تي اڄ هن پروگرام جو افتتاح ڪرڻ منظور فرمايو اٿن. بينظير ڀٽو صاحبه سنڌ ۽ سنڌي معاشري ۽ اسان جي ملڪ جو شان آهي. سندس همت تي ڪيس داد آهي. اهڙي اڄڪلهه جي مڪدر فضا ۾ هڪ نياڻي هن دقيانوسي ماحول ۾ هيڏي جرئت ۽ بهادريءَ سان هيڏين تڪليفن کي منهن ڏئي، سَهي ۽ برجستگيءَ سان هيڏو زبردست مقابلو ڪري، ڪو آسان ڪم ناهي نه ئي ڪو چرچو آهي. هن عمر ۾ پنهنجي علم ۽ حِلم ۽ سوچ جي طاقت سان هيڏين مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ. هن ابتدائي زندگيءَ ۾ هيڏين ڪَٺن ۽ ظالمانه روايتن ۽ جاهل ۽ بد دماغ حاڪمن کي سامهون ٿي مصيبتن مان گذرڻ سندس ئي شان آهي ۽ پاڪستان جو مان آهي ۽ دنيا جو مثال آهي. هڪ شاندار ماحول ۾ پيدا ٿيل نياڻي هڪ اعليٰ تعليم يافته مشرقي ۽ مغربي تربيت مان گذريل عورت هڪ خوشحال گهراڻي جي نينگر هن ننڍي عمر ۾ جِن ڪَٺن امتحانن ۽ آزمائشن مان گذري آهي، هن جو مثال تاريخ ۾ ٿورو ملندو. اڄ هن جابرانه، جارحانه، غاصبانه پاڪستان جي تاريخي دور ۾ اڃان به خبر ناهي ته مستقبل سندس لاءِ ڇا ڇُپايو ۽ لِڪايو ويٺو آهي.

پاڪستان هڪ سنجيده ۽ باوقار قومن جو ملڪ هو ۽ پاڪستان جو معاشرو وڏين برڪتن ۽ نعمتن جو حامل هو، مگر درندن جي حوالي چڙهي ويو ۽ دنيا ۾ اڃان تائين ذلت، تنقيد، تمسخر ۽ حقارت جو نشان آهي. ههڙي قوم جو ۽ اهڙي معاشري جو چاليهن سالن ۾ بدترين نموني جي حاڪمن جي هٿ چڙهڻ سان اهو حال ٿيو آهي ۽ اهو روئڻ ۽ منهن پِٽڻ جو سامان آهي ۽ هن دنيا جو هڪ بدترين تاريخي مثال آهي.

عزيزو: عوام جو آواز هئڻ يا ڪٽڻ هن زماني م واڳونءَ جي وات ۾ سِر ۽ موت جي مُنهن ۾ مُنهن وجهڻ آهي. منهنجي سوسائٽيءَ جا دوست ۽ آئون اڄ هِتي هڪ باوقار

سنڌي، هڪ شاندار پاڪستاني، هڪ عالم شخصيت، باوقار عورت ۽ هڪ درد رکندڙ انسان جي آجيان ڪريون ٿا ۽ کيس سلام ڪريون ٿا.

عزيزو: ٻئي طرف اسان جي هِن افتتاحي تقريب جي صدر محترم شمس عباسي آهي، جنهن کي آئون عام طرح ڏاڏي سڏيندو آهيان. هن بزرگ عورت جو سڄي زندگي تعليم ۽ تدريس سان واسطو رهيو آهي ۽ اتان رٽائر ڪيو اٿس. حياتيءَ کيس ڪيترن ئي سخت آزمائشن ۽ ڪٺن وقتن مان گذاريو آهي. جيڪي غم ۽ الم سندس دل ۽ ذهن تي آهين انهن جو اسان کي علم آهي. شوهر جو وڇڻ ۽ پُٽ جو وڇائڻ هڪ وڏو درد آهي. هنن صدمن هوندي به رب جي رضا تي راضي رهي همت ۽ جرئت کان ڪم وٺي خدمت ڪرڻ ۽ معاشري جي مسئلن ۾ دلچسپي وٺڻ هڪ غير معمولي مثال آهي. اڄ به پاڻ سنڌي عورت تحريڪ جي سربراهه آهي.

عزيزو: اسان هن کان اڳ اسان جي ڪانفرنس جي افتتاح ۽ صدارت لاءِ مَردن کي پئي گهرايو آهي. هن دفعي سنڌ جي عورتن ۽ نياڻين کي مدعو ڪيو آهي جن جي شدت احساس ۽ جذبي ۽ خلوص جو اعتراف ڪندي سندن سوچ ۽ سچائيءَ کي سلام ڪندي، سندن تاريخي ڪردار جي عزت ڪندي اسان ٻِن سائٽين کي سڏيو آهي جن تي اسان کي فخر آهي.

عزيزو: اسان جي شاهه عبداللطيف ڪلچرل ۽ ادبي سوسائٽي کي ڪم ڪندي تقريباً پندرهن سال ٿيا آهن. اسان هيءَ سوسائٽي تڏهن ناهي جڏهن آئون وائيس چانسيلر هوس.

اسان سنڌي عورت ڪانفرنس گهرائِي، جا سنڌي معاشري جي تاريخ ۾ پهريون مثال هئي. جنهن ۾ تقريباً چار هزار عورتون سنڌ جي مختلف آبادين، جبلن ۽ ريگستانن مان آيون ۽ اسان جون مهمان ٿيون ۽ اُهو شاندار منظر دل اُڀاريندڙ ۽ سنڌ جي مستقبل ۾ اُميد رکڻ جو مثال هو. 1982ع کان پوءِ وزيرن جي حالت کي ڏسندي، سندن بي حسيءَ جي حالتن تي رحم ڪائيندي اسان کين گهرائڻ ڇڏي ڏنو. 1977ع کان پوءِ گورنريون ۽

وزارتون ايترو ته ماڻهن جي نظرن ۾ ڪِريون آهن ۽ معاشري جي خدمتن کان پري ٿي ويون آهن ۽ عوام جي اکين ۾ ايترو ته ذليل ٿي ويون آهن جو اسان ڊپ کان ڪين گهرائڻ بند ڪري ڇڏيو. وزارتن ۽ گورنرن جي ذلت، خواري تي افسوس ڪائيندي اسان ڪين رسوائي کان بچايو ۽ اسان جي ڪانفرنسن ۾ نه اچڻ سان اسان تان ذهني بوجهه لٿو. گذريل ٽن سالن ۾ باقي جو ڪجهه ٿيو آهي ۽ توهان جي ڊپ کان ۽ وزيرن ۽ گورنرن جي ڪردار ڪي ڏسي اسان نه صرف متن رحم کاڌو مگر پنهنجن ڪانفرنسن جو معيار بلند ڪيو. الله سائين ڪين خوش رکي. اسان کان جيترو پري ايترو توهان ۽ اسان لاءِ بهتر. اسان 1982ع کان هيءُ فيصلو ڪيو آهي ته هاڻي هِنن ڪانفرنسن ۽ معاشرتي ڪمن ۾ غير سرڪاري ادارن ۾ وزيرن ۽ گورنرن کي پري رکي ئي اسان ڪجهه صحيح فِڪر ۽ عمل جو طريقو اختيار ڪري سگهون ٿا.

عزيزو: اسان جي سوسائٽي هڪ خاموش ۽ شور کان پري نوس معاشرتي ۽ ادبي ڪم پئي ڪيو آهي، اسان هر دفعي هر ڪانفرنس ۾ ڪنهن نه ڪنهن جِدت کان ڪم ورتو آهي ۽ اسان جي رهنمائي اسان جي چند بزرگ دوستن پئي ڪئي آهي. مرحوم محترم پير حسام الدين راشدي، محمد ابراهيم جويو، سراج الحق ميمڻ، ڊاڪٽر تنوير عباسي، مظهر يوسف، دولت مهتاڻي، ڏاڏِي شمس عباسي، ليلا هربچنداڻي، معينه هدايت الله ۽ ڪيترن ٻين مَردن ۽ عورتن اسان کي سهارو ۽ مشورو پئي ڏنو آهي. اسان جي ڪم جو بنيادي فڪر ۽ عمل جو ميدان معاشرو ۽ ان جو مستقبل رهيو آهي. اسان جي ڪانفرنسن جا موضوع هي رهيا آهن. ”معاشرو ۽ ادب“ ”معاشرو ۽ عورت“ ”معاشرو ۽ نوجوان“ ۽ شاهه ۽ نوجوان“ اهڙي طرح اسان پنهنجي سنڌي معاشري جي هر سمت هر پهلوءَ تي سوچيو آهي ۽ اسان تشخيص ڪئي آهي. عزيزو! هن دفعي هن ڪانفرنس ۽ سيمينار جو موضوع آهي، ”سنڌي معاشرو ۽ سنڌ سياڻپ“. اڄوڪي ڪانفرنس سياسي يا غير سياسي، ادبي، لساني، جاگرافيائي يا معاشرتي مسئلن تي سوچ لاءِ سڏي آهي. سنڌ ۽ سنڌي معاشرو اڄ هڪ عجيب ڪشمڪش ۽ ڇڪتاڻ جو مرڪز آهن. پراڻا قلعا ۽ محلات ڪِري رهيا آهن. نيون پراڻيون روايتون ۽ رجحانات اسان کي عجيب موڙ

ڏانهن موڙي رهيا آهن. سنڌ سلامت، نه صرف اسان جو مگر اسان جي اولاد ۽ نسلن جو مسئلو آهي، جنهن کي اڄ درڪنار يا نظرانداز ڪرڻ ظلم ٿيندو. اها سوچ هن وقت اسان جي اشد ضرورت آهي. سلامتي جو نه سوچيوسين ۽ جيڪڏهن همت ۽ جرئت کان ڪم نه ورتوسين ته ڏاڍيون ڏکيون ۽ مصيبتون سهنداسين. اُهي البيلايون، بودلايون ۽ احمقانا نظريا اسان کي تحت الثرا ڏانهن وٺي ويندا. اسان جو موضوع توهان سڀني جي سوچ ۽ عمل جو متقاضي آهي. اسان کي توهان ۾ سڀ اميدون ۽ آسرا آهن. اگر پنهنجو فرض وساريوسين ته مستقبل ڏاڍو تاريڪ ڏسندا. سنڌ سلامتي سڀني پوڙهن، جوانن، مَردن، عورتن، تعليم يافته يا اڻپڙهيل غريبن يا اميرن، زالن يا مَردن، سڀني لاءِ هڪ يڪسان مسئلو آهي.

عزيزو: اسان ڪوشش ڪري پنهنجي اديبن، استادن، شاعرن، سگهڙن ۽ فنڪارن کي همتايو آهي ۽ نوس ادب جي روايت قائم ڪئي آهي. اسان جي لکندڙن ۽ مفڪرن کي اسان ڪڏهن به زنجيرن ۾ نه ٻَڌو آهي. صحيح فِڪر جي قوت، اسان صحيح عمل جو بنياد تصور ڪريون ٿا. انهيءَ ڏس ۾ اسان ٻيون ڪيتريون ڪوششون ڪيون آهن. ڪانفرنسن جي مقالن ۽ تقريرن کان سواءِ آئون چند خاص ڪتابن جو ذڪر ڪندس جن تي اسان کي فخر آهي. اسان ننڍڙا ننڍڙا معاشرتي ڪتاب ڇپيا آهن ۽ سڄي سنڌ ۾ ورهايا آهن مثلاً "**سنڌي معاشرو ۽ ڪامورو**" ۽ "**سنڌ جو سَڏ**". تحقيق جي طرف ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جو شاهه عبداللطيف تي لکيل ڪتاب جنهن کي آئون هڪ خاص معياري ۽ نئين نموني جي ڪوشش تصور ڪيان ٿو، ۽ تازو اسان جو ڪتاب "املهه اڻ توريا" ڇپائي ظاهر ڪرڻ اسان پنهنجو وڏو ڪارنامو تصور ڪريون ٿا. ڊاڪٽر تنوير عباسي هڪ جديد رنگ ۾ انداز فڪر سان شست زبان سان پيش ڪيو آهي. "املهه اڻ توريا" اهي شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جا بيت آهن جيڪي هِن کان اڳ ڪڏهن به نه ڇپيا آهن. اهو ڪم اسان جي چند دوستن وڏن ڪشالن ۽ مصيبتن سان ڪيو. اسان هن ڪم ۾ تقريباً ڇهه سال لڳايا، جنهن ۾ اسان جي ڪارڪنن کي هندوستان ۽ ڪَڇ ۽ ڀڄ ۽ راجستان ۾ وڃڻو پيو. پاڪستان ۾ ٿر ۽ لاڙ ۾ وڏين ڪوشش سان مواد حاصل ڪيو. جن دوستن

اسان جي مدد ڪئي آهي، اُهي آهن فقير امداد علي سرائي، مولوي حاجي خميسو ميرپور بنوري وارو ۽ فقير رمضان كور واهه وارو. جَت ۽ ناڪئا صدين کان شاهه جا مداح ۽ مريد رهيا آهن. شاهه جو رسالو لاڙي زبان ۾ آهي. جبل، ريگستان، ڪوهستان ۽ سمنڊ سڀ شاهه جي فِڪر جو مرڪز رهيا آهن. اسان هڪ تمام وڏو مواد هٿ ڪيو هو، جنهن جي چند چاڻ ۽ تصحيح لاءِ اسان محترم محمد ابراهيم جويو ۽ محترم ٻانهي خان کان ڪتاب کي تيار ڪرڻ ۾ مدد ورتي. ٻانهو خان نہ صرف ڀٽ شاهه جو رهواسي آهي پر شاهه صاحب جي ڪلام تي وڏو عبور رکن ٿا. اسين سندن هِن ڪم لاءِ مشڪور ۽ ٿورائتا آهيون.

آئون هِن ڏس ۾ پروفيسر ڊاڪٽر اياز حسين قادري چيئرمن سنڌي شعبو ڪراچي يونيورسٽي، اسان جي سوسائٽي جي سيڪريٽريءَ جو خاص ذڪر ڪندس. خدا جو شان آهي. ڏسو تہ سهي، قادري صاحب منهنجو شاگرد آهي ۽ ريٽائر ڪري ويو آهي. آئون ڪيس سندس حيا ۽ صبر تي، ادب ۽ اخلاق ۽ خاموش ادائن تي مبارڪ چوندس. اسان جي خوش نصيبي آهي جو اڄان اسان وٽ انهيءَ معيار ۽ محنت جا استاد موجود آهن، پر عام طرح استادن تي نظر ڊوڙائڻ سان ڪجهہ مايوسي وٺيو وڃي. هن مڪدر فِضا، هن لا ابالي دنيا، هن جبر ۽ غارت جي ماحول، هن شدت ۽ مطلق العناني جي دؤر ۾، هن بندوق، ڀالن جي يلغارن ۾، هن چادر جي ڏڄين اُڏائڻ، ديوارن جي انهدام ۾، هن خوف، بيحيائي ۽ بيحرمتي جي للڪارن ۾ هڪ سچي ۽ صحيح شيءِ جو هئڻ: رهڻ ۽ بچڻ ڪيترو نہ مشڪل ٿي پيو آهي، اسان جي معاشري ۾ ڪوڪلاپڻ جون سڀ علامتون نظر اچن ٿيون.

عزيزو! هن دفعي اسان پنهنجي ڪانفرنس ۽ سيمينار جو پروگرام اديبن ۽ فڪر رکندڙن جو جوش ۽ انداز ڏسي ۽ توهان جو اسرار ڏسي ٽِن ڏينهن لاءِ رکيو آهي. مقالن ۽ تقريرن لاءِ ٻہ ڏينهن رکيا ويا آهن. هن تقريب کان پوءِ اڄ شام جو هِتي سنڌي مشاعرو آهي جنهن جي صدارت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ ڪندو. مخدوم صاحب جن ڪي آئون اسان جو تمام وڏو ادبي سرمايو سمجهان ٿو. هڪ وڏي عزت وارو مخلص ۽ با

وقار پِير، مستقل مزاج انسان، نامور شاعر ۽ اديب، علم دوست، اخلاق ۽ روايتن جو پندار ۽ سنڌ جو شان آهي.

سندن بلند ڪردار ۽ علم ۽ ادب دوستيءَ تي اسين فخر ۽ ناز ڪريون ٿا. ٻن ڏينهن جي مقالن جي دور ۾ اسان سنڌ جي معاشري ۾ ۽ سنڌ ۾ رهڻ وارن ۽ سنڌ جي مستقبل ۾ دلچسپي رکندڙن حساس اديبن ڪي گهرايو آهي.

توهان پروگرام ۽ نالا پڙهي خوش ٿيندا. مقالا سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ ۾ هوندا ۽ ڪجهه موسيقيءَ جو پروگرام آهي، جنهن جي صدارت ليڊي صغريٰ هدايت الله ڪرڻ فرمائي آهي. ليڊي صاحبہ جهڙو ولولو ۽ جذبو ڪي ٿورا مَرد ۽ عورتون رکندا هوندا. سنڌي عورت جي شان ۽ روايتن جو مثال آهي. سنڌ جي شاندار سياستدان جي بيوي آهي، پاڻ خود هڪ تاريخ آهي. وٽس وجي ڪيس ٻُڌڻ سان 60 سالن جي تاريخ ملي ٿي. الله تبارڪ ڪيس خوش رکي. پاڻ مون سان وڏي مشفق رهي آهي. جهڙي طرح سر غلام حسين هدايت الله نوجواني ۾ مون کي پيار ڪندو هو. ٻـ سنڌ جا ماٿهو هئا. جِتي هنج هئا اتي ڪانگن ڪانگيرا ڪيا آهن. هن اسان جي پروگرام ۾ ڪتابن جي نمائش جو انتظام بہ ڪيو ويو آهي. اهڙا ڪتاب، رسالا ۽ اخبارون جيڪي سنڌ ۾ نڪرن ٿا يا ڇپجن ٿا يا ڇپيا آهن يا سنڌ تي ڪنهن بہ زبان ۾ لکيا ويا آهن.

عزيزو: جيئن مون عرض ڪيو تہ اسان جي ڪانفرنس ۽ سيمينار جو بنيادي مقصد گذريل پندرهن سالن ڪان معاشرو رهيو آهي. هن زماني ۾ معاشري جو ذڪر ڪرڻ هڪ وڏي لا ابالي ۽ بي پرواهي جو منظر آهي. معاشري ڪي گنهگار سمجهيو ويندو آهي. معاشري جي اصلاح جي ضرورت هر صاحب اقتدار، جاهل، تنگ نظر ۽ ظالم بيان ڪندو آهي. هر انسان انفرادي مستانگيون ۽ ڏاڍايون گناهہ ۽ غلطيون معاشري جي آڙ ۾ لڪائڻ يا ڇپائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي يا صفائي پيش ڪرڻ ۾ نظر ايندو آهي. معاشرو عموماً خواص، حاڪم، مالدار ۽ طاقتور لاءِ هڪ اعليٰ فتنو تي غريب عوام ۽

ڪمزور جي خلاف استعمال ڪيو ويندو آهي. عوام جو ذڪر حاڪمن لاءِ تڪيہ ڪلام ۽ زورآوري ۽ ڏاڍائيءَ جي اظهار لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي.

گوئٽي چيو تہ عوام ڪان سواءِ قوم جو تصور ئي غلط آهي. وري بہ چيائين تہ هر فعل ۽ قول عوام جي بهتري جي ڪسوٽيءَ تي لڳائي ڏسو، وري چيائين اها سياست جيڪا عوام جي نظريہ ۽ ذڪر ڪان خالي آهي اها غلط ۽ ظالمانہ آهي. وري چيائين تہ سياست جو صحيح هئڻ قومن لاءِ ضروري آهي ڇاڪاڻ تہ هن جو اثر ۽ نتيجو قوم ۽ انسان ڀوڳيندا. اسان جي رسول ڪريم جن فرمايو تہ بهترين انسان اُهو آهي جنهن مان انسانيت کي فائدو پهچي.

يونانين ڪان وٺي دهرايو ويو آهي تہ عوام جو آواز خدا جو آواز آهي. عوام جي نظريہ ڪان خالي معاشرو عذاب آهي ۽ خدائي ڏمر آهي. **”سنڌ سياڻي کي ڏِسڻو آهي“** پرکڻو آهي يا ان جو ڪو تصور قائم ڪرڻو آهي يا ڪو تدارڪ ڪرڻو تہ اچو تہ اسين پنهنجي سنڌ جي معاشري جي طرف نظر ڊوڙايون.

عزيزو: 1947ع تائين اسين هڪ صلح پسند، خوشحالي، امن ۽ سڪون جو علائقو هئاسين. اسان وٽ نہ شيعہ نہ سني جو فرق، نہ بريلوي ۽ نہ ديوبندي جو حساب، نہ اهلِ حديث نہ وهابي نہ قادياني نہ عيسائي نہ اسمائيلي نہ پارسي ۽ نہ هندو نہ رائونديءَ جو ذڪر هو. نہ پناڻ نہ ٻروچ جو ذڪر هو. هر طرف هر نموني سان زمين جو لڳاءُ فڪر ۽ همدردي ۽ محبت جو معاشرو هو. سنڌ جي معاشري ۾ هڪ توازن سنجيدگي ۽ همہ گيري هئي. سنڌ هڪ غيرت ۽ دليريءَ جو چشمو هو. نہ غريب نہ بيوس نہ ويڪيل هو. سندس محبت سنڌ جي زمين سان هئي. هو خدا جو شڪر گذار ۽ سنڌ جو مستانو هو. سنڌ تان قرباني سندس جان ۽ روح جو ارتقاءَ هو. سنڌ جي نالي ۾ ۽ سنڌ جي شان ۾ انهن لاءِ ڪابہ شيءِ مهانگي نہ هئي. جڏهن سنڌ ياد آيس تڏهن سڀ مفاد غرض هٽائي پري تي ڪيائين ۽ جان جي بازي تي لڳايائين.

سنڌي معاشرو هڪ سچائي ۽ محبت جو معاشرو هو. زبردستي، جارحيت، خون خرابي، گوڙ فساد، نعري بازي، الزام تراشي يا زبان جي بي لغامي نہ هن برداشت ڪئي نہ پسند ڪئي. سنڌي معاشرو غيرت ۽ خلوص جو معاشرو هو. ٺاٺ لباڙ ۽ هنگامي ڪان پاڪ هو. ڪجھ صبر ۽ برداشت جو مادو هوس ۽ تڪليف بہ خاموشيءَ سان سهندو رهيو. مگر جڏهن جاڳيو تہ ڏاڍن کي ڏاري وڌائين. ظلم ۽ ڏاڍائيءَ جو مقابلو اسان جي عالمن، ولين، فلسفين، سردارن، پيرن ۽ سيدن ڪيو. تاريخي سنڌي معاشري ۾ وڏيرو رهبر هو. ۽ طاقت ۽ ثروت رکندي بہ معاشري جو غيرت مند حصو هو. جتي ڳوٺن جو عوام پير بَڌي بيٺو اُتي وڏيرو بہ پنتي نہ هٽيو. مگر 1947ع کان 1977ع تائين وڏيري مان جان ڪڍي ويئي. ڪيس هيسيو ويو ۽ خريد ڪيو ويو. سندس هوش گُم ڪيو ويو. عوام سان سندس تعلقات ڪٽيا ويا. سنڌ کي 1953ع کان پنجاب جو وڪيل معاشرتي نظام ڳلي پئجي ويو. پنجاب پنهنجي حاڪميت کي سرِ عام ڪُلم ڪُلا پاڪستان جي سياست ۾ رعب ۽ تاب سان ڏيکاريو. سنڌ ۾ وڪيل گهوڙا پيدا ڪيا ويا. جاسوسي، مخبري ۽ تشدد پيدا ڪيو ويو. جنهن سنڌي معاشري کي انگريزن بہ دٻ ۽ شڪ سان ڏٺو، انهن جون پاڙون ڪَٽڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. سنڌ ۾ صاف ستري سياست ختم ڪئي ويئي ۽ رعب دار جابرانہ حاڪميت نمودار ٿي. ڪلڪتي جي ”بليڪ هول“ يا ”جليانہ والا باغ“ ”ٽوڙهي ڦاٽڪ“ ۾ ڇا فرق هو. مغرور ۽ جابر سلطنتي نظريو سنڌ لاءِ قائم ڪيو ويو.

سائين منهنجا! هِنن حالتن ۾ اهو نہ سوچيو ويو تہ سنڌ ”هوشو شيدي“ جکراڻين، منگسين، بروهين، سيدن ۽ پيرن جو يڪسان محبوب ملڪ هو. مخدوم بلاول، شاه عنايت، قلندر شهباز، سچل سرمست، مخدوم محمد هاشم؛ مخدوم محمد زمان ۽ انقلاب جي بادشاهہ، عوامي فِڪر جي سردار، سنڌ جي اُمنگن ۽ احساسن ۽ مجسمي ۽ رهبر شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو مُلڪ هو. جتي ايڏيون شاندار صدين جون روايتون، حڪايتون ۽ تعريفون هجن، انهيءَ معاشري سان هٿ چراند يا ڇيڙ ڇاڙ ضرور رنگ لائينديون. اسان اهو منظر ۽ ڏهڪار ڳڏريل ڏهن سالن ۾ ڏٺو. ساهہ گهٽڻ جي حالت ۾ بيوسيءَ جي ماحول ۾ روايتي سردارن ۽ وڏيرن جي بيغيرتيءَ ۾ پئسي جي يلغار، تلوار

جي وار، لالچ جي سيلاب، هٽي وجي هنڌ ڪيو. تان جو زمين لُڏڻ لڳي. سنڌ معاشرو شِدت احساس کان بيغيرتيءَ جو عتاب هاڻي برداشت نہ ڪري سگهيو. قدرت جو قانون اٽل هو، زمين لُڏي، ڦاٽ ڦاٽو، قلعن ۾ ڏار پئجي ويا. ظلم ۽ تشدد جي انتها ٿي ويئي. 1984-83ع جا سال قدرتي ۽ تاريخي نتيجو هو، جنهن جو اچڻ لازمي هو. مگر جن جون نظرون بندوق جي ناليءَ کان ۽ تلوار جي نوڪ کان پري نٿي ويون انهن کي انسانيت جي قدرن ۽ شرافت جي ڪهڙي خبر.

عزيزو: مون اُهي دردناڪ حالتون اکين سان ڏٺيون، پيرن پنڌ ڪري ڏٺيون، مَردن زالن ٻارن جي چيخ پڪار کي ڏِٺو ۽ ٻُڌو. نہ — نہ جن مون کي ڳِچيءَ ۾ ڀاڪر پائي رنو، اوچنگارون ڏٺيون. مون زمينون ڪاريون ڏٺيون، دريون دروازا ڪاٺ انگار ٿيل ڏٺا. مسجدون ٻاهين جون لوساٽيل ڏٺيون، ڳوٺ تباهه ويران ۽ دِل ڏڪائيندڙ ڏٺا. مون اُنهن غريبن کي ڏٺو جن لاءِ چيو ٿي ويو تہ پنج سؤ روپين تي ٿا وڙهن ۽ پڙهيل لکيل وڪيلن ڊاڪٽرن کي ڏٺو جن لاءِ چيو ٿي ويو تہ پندرهن سون روپين لاءِ ٿا وڙهن. بيروني بينڪن ۽ قدرن جي غرور ۾ حاڪمن مستقبل کي بلڪل وساري ڇڏيو. اُها ڳالهہ انهن لاءِ حيران ڪن هئي تہ سنڌ جي نالي ۾ محبت ۽ لگن ۾ امير ۽ غريب، پير ۽ فقير بنا لالچ يا مرتبي جي حصول ۾ جان ڏني. سنڌ لاءِ جان ڏيڻ، سنڌ جي نالي قرباني ڏيڻ سنڌ جي تاريخي روايت آهي.

عزيزو: وري چيو ويو تہ اهو مختصر ۽ عارضي جوش هو جو ختم ٿي ويو. انهيءَ جو وري اچڻ يا دُهرائڻ ممڪن نہ هو. حالات جي تجربي مان مڪمل تياري ڪئي ويئي آهي. 83 — 1984ع واريون حالتون ٻيهر ممڪن نہ آهن. مگر اهو نہ سوچيو ويو تہ قدرت ۽ پروردگار جي قانون ۽ راز کي للڪارڻ شيطان جو عمل هو. ۽ ڏيڍ سال ۾ يعني آگسٽ 1986ع ۾ ٻيو معجزو ٿيو. اُهو معاشرو جنهن جو ديني، ذهني، فِڪري، اخلاقي ۽ غيرت جون روايتون ۽ مثال زمين جي پاتال ۾ هئا. ان سان جابرانہ برداشت کان ٻاهر هٿ چراند خطرناڪ هئي ۽ اسان هن شرارت جو منظر ۽ نتيجو ڏٺو. اسان تي سڀ بهتان هترادو ثابت ٿيا. ثابت ٿيو ۽ واضح ٿيو تہ جنرل ۽ جماعت اسلامي ملڪ جي اساس اکوڙي ۽

پاڙون پٽي رهيا هئا. ڇا قومن جي يڪجهتي اخوت ۽ وقار ۽ بقا اهڙن نظرين قائم رکڻ ۽ عمل ڪرڻ سان حاصل ٿينديون آهن؟

عزيزو: تازو هڪ سيمينار اسلام آباد ۾ سڏايو ويو جنهن شهر کي آئون شيطاني بيغيرتيءَ جو اڏو تصور ڪندو آهيان. جنهن ڪي مون اندران ۽ ٻاهران ڏنو آهي. ان لاءِ ته تفتيش ڪجي ته پاڪستان جو واحد مسئلو ڇا آهي ته مون کي ڪِل آئي. ڇا اهڙي سوال جي ۽ اُن جي جواب جي پاڪستان جي چاليهن سالن جي وجود کان پوءِ ضرورت محسوس ڪرڻ ڪرڻ هڪ ڪِل ۽ مسخري هئي. ملڪ بلوغت کان چڙهي ويو هو ۽ اسين طفلانہ سوالن ۽ الجهنن ۾ مصروف آهيون. چاليهن سالن ۾ بہ ذهن صاف نہ ٿيا هئا. ڇا هن مُلڪ جو اُهو مقدر هو، ڇا مذاحقہ سوال هو؟ ۽ تعجب اهو هو تہ چاليهن سالن کان پوءِ جواب لاءِ تقاضا ڪئي ويئي. ڇا اهُو سوال مترادف نہ آهي انهيءَ سوال جو تہ پاڪستان ڇو نهيو؟

عزيزو: اڇو تہ آئون جواب ڏيان هڪ ستر سالن واري جو جواب هڪ تاريخ ۽ تمدن جي شاگرد جو جواب هڪ پنجيتاليهہ سال تعليمي تدريس سان واسطو رکندڙن جو جواب هڪ نوجوانن سان پنجيتاليهہ سال انهن جي خدمت ڪرڻ واري جو جواب هڪ نوجواني ۾ قيام پاڪستان جي جدوجهد ۾ شريڪ ۽ حساس جو جواب هڪ قائد اعظم کي بلڪل نزديڪ ڏِسڻ واري جو جواب هڪ تحقيق سان دلچسپي رکندڙ ۽ سوچيندڙ جو جواب هڪ زماني جي لاهين چاڙهين جي سيڪاريل جو جواب، هڪ خدا جو خوف دل ۾، قول ۽ فعل ۾، رکڻ واري جو جواب هڪ ضعيف درويش جو جواب. ڇا عزيزو اڃا بہ سوال جي جواب جي ضرورت آهي ۽ جواب جو اسرار آهي.

عزيزو: گذريل ڏهن سالن ۾ علم و دانش، درس و تدريس، قدرن ۽ اخلاق جو جيڪو حشر ٿيو آهي اهو اسان جي قوم تي داغ آهي. اهو نقصان اسين صدين ۾ پورو نہ ڪنداسين. اڄ ملڪ اڌ پڙهيلن ۽ جاهل مُلن، گُڏن ۽ وڪيل، مصنوعي دانشورن، بودلن، نشي ۽ جوئا ۾ جڪڙيل، شڪارن ۽ دعوتن جي بدعتن ۾ قاتل بي شعور سياستدانن جي

وَر چڙهي ويو آهي، جيڪي هِن ڪي تباهه ٿيڻ ڪان سواءِ نہ ڇڏيندا. بندوقن ۽ گولين اسان ڪي درندن جي درجي تي پهچايو آهي ۽ اسين منافقت ۾ غلطان، روحانيت ۽ نظامِ مصطفيٰ جي جستجو ۾ آهيون. ڇا عبث ۽ بيهودو خيال ۽ نظريو آهي.

عزيزو: اڄ هن معاشري جون سڀ روحاني ۽ اخلاقي قوتون ۽ قدر، انسان ڪشي جي يلغار ۾ پائمال ٿي ويا آهن.

سائين منهنجا! هن قوم جي نيست ۽ نحوست جي اول ۽ آخر سبب، فوج جا جنرل ۽ جماعت اسلامي آهن. اسان جي ملڪ ۽ قوم ۾ اسلام ڪي بحث مباحثي، تمسخر ۽ ذلت ۾ وجهڻ وارا اُهي حضرات آهن. غريبن جي ايمان ڪي لوڏڻ وارا ۽ منجهائن ظلم ۽ تشدد سان خدا جو خوف ڪڍڻ وارا اهي آهن. ڇا سِتم ظريفي آهي. اسان ڪان قربانين جون گلون وٺڻ وارا اسان جون گلون لاهڻ ۾ پورا آهن.

عزيزو: جڏهن اسان هِن ڪانفرنس ۽ سيمينار لاءِ مضمون جو تعين ڪيو تہ اسان سنڌ سان ڪيل عقوبتون، ڏاڍايون، واعدي خلافيون ۽ بي ايمانيون خيال ۾ رکيون ۽ اسان سان ڇاليهن سالن ۾ ڇا حشر ٿيو ان جو تجزيو ضروري سمجهيو. سياڻي ڇا ٿيندو، ڇا نصيب ۾ آهي، هن تي سوچ ضروري آهي. گذريل ڏهن سالن ۾ حالتون ۽ واقعات جنهن تيزيءَ سان نظر آيا آهن اُهي دل ڏارين ٿا.

گذريل ڏهن سالن جي ظلمت ۽ غارتگرين ڪان پوءِ توهان سنڌ جي غريب عوام ۾ ڇا ڇڏيو آهي ۽ ڪيس ڇا نعمت نصيب ڪئي آهي جو پاڪستان سان محبت ڪري، سنڌ جو عوام هر قسم جي حاڪمن، توهان ۽ اسان ڪان بيزار آهي. سنڌ جي عوام لاءِ گذريل ڏه سال ڪُوڙ ۽ منافقت جو دور رهيا آهن.

عزيزو: سنڌ ڪي ڇاليهن سالن ۾ نچايو ويو آهي. سنڌي معاشري جي قدرن ڪي پائمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. سنڌ ڪي هيسيو ويو آهي ۽ دٻائي رکيو ويو آهي. پاڪستان جي تاريخ ۾ مشرقي پاڪستان ۽ سنڌ ظلم، غضب ۽ جارحيت جا ميدان

هئا. مشرقي پاڪستان تہ پڇي ۽ وڙهي جِند ڇڏائي ۽ سنڌ کي بہ تنگ آيد بہ جنگ آيد تي پهچايو ويو آهي. اها سنڌ، جنهن کي باب الاسلام سڏيو ويو. جنهن اول پاڪستان جو نعرو هنيو، هن کي ڪيئي مارشل لا نصيب ٿيا. توهان جيڪڏهن تجزيو ڪندا ۽ تاريخي واقعن ۽ حاڪمن جي قول، فعل ۽ عمل کي ڏِسندا تہ توهان کي يقين ٿيندو تہ هر مارشل لا جو حقيقي ۽ واحد نشان سنڌ هئي ۽ سنڌي معاشري تي وار هو. توهان غور سان ڏِسندا تہ مارشل لا فقط سنڌ ۽ بلوچستان ۾ بهيمانہ نموني نمودار ٿيا. بلوچستان جا جبل ۽ پهاڙ ڏهڪائيندڙ هئا. مگر سنڌ جي زرخيز زمين، جارحيت کي د عوت هئي. حاڪمن اُهو نہ سوچيو تہ جنهن زمين جي ضرورت جرمنيءَ کي تباهہ ڪيو اُها پاڪستان کي بہ تباهہ ڪندي. ڇا قوم ۽ ملڪ حاڪمن جي هَوس، غارت گيري، خون خرابي، نعره زني، تنگ نظريءَ سان برقرار رهندو. اسان جي چاليهن سالن جي زندگي ٻڌائي ٿي تہ اسان جا حاڪم ڏندا مُنا ضرور هئا. مگر سندن دماغ خالي ۽ اکيون بند هيون. انڌي ۽ معذور جي اِمامت اسلام ۾ ناجائز آهي. لياقت علي خان، غلام محمد، چوڌري محمد علي، اسڪندر مرزا، ايوب خان، يحييٰ خان ۽ وغيره پاڪستان جي ڪمزوري ۽ رسوائيءَ جا علمبردار ثابت ٿيا. مودودي ۽ ميان طفيل سيني جنرلن کي اسلام جو علمبردار ۽ خادم سمجهيو ۽ اڄ مُلڪ جو جيڪو حشر آهي اُهو ڪنهن کان بہ لڪل ناهي. قومون جڏهن هن قتل و غارت ۽ باهہ جي حالت ۾ رهن ٿيون تہ اُنهن جي بقا ۾ شَڪ پيدا ٿئي ٿو.

سائين منهنجا: آئون اهو بہ عرض ڪندس تہ مثال مشهور آهي تہ، **مِيرن کي ڪِتان لڳي گهر مان لڳي.** کهڙو، پيرزادو، پير الاهي بخش سڀ ڇڱا مُڙس هئا. جن کي اسان اکين تي رکيو مگر ميدان ۾ پيرَ ڪوڙي نہ بيٺا. اڄ بہ اسان جن کي استعمال ڪيو پيو وڃي. باهہ جي مُنهن ۾ اُهي آهن، ڍال ضرور آهن مگر تلوار ٻئي ڪنهن جي هٿ ۾ آهي. ڪيترا پهاڪا ۽ چوٽيون ياد ٿيون اچن. مگر مجمع ۾ آئون وتائي فقير ۽ فولاد فقير کي وٺي اچڻ تي گريز ڪندس. منهنجو عزيز دوست علي احمد بروهي هن مقالن ۽ ڪهاوتن جو انسائيڪلوپيڊيا آهي. سائين اسين پنهنجي قسمت کي روئئون تہ چڱو آهي جو پنهنجي مٽي ۾ ڌوڙ وجهون جيڪو مولانا عبيدالله سنڌيءَ اسان جي حالتن لاءِ هميشه

ڌھرايو ۽ اُھي آھن لفظ جيڪي منھنجي دوست مير رسول بخش ٽالپر سنڌس فوت ٿيڻ کان ٻہ ٽي ھفتا اڳ منھنجي گھر ۾ چيا. اڄ ٻہ سنڌ جا ڪي نام نھاد سردار جيڪي سنڌ کي ننڍڙو ڇڏڻ لاءِ تيار آھن انھن کي جزا ربُ پاڪ ڏيندو. ماڻھن جي وڪڻجڻ ۽ ڳرڻ جي ڪابہ مند نہ ھوندي آھي.

عزيزو: سقراط چوندو ھو ۽ خبردار ڪندو ھو تہ اڪيلي آواز ۽ ڳوناٽي جي پُڪار کان ڊڄو. توھان کي خبر آھي ۽ تاريخ شاھد آھي تہ سڀ نبي ۽ ولي اڪيلا ھئا ۽ سڀ ولي. نبي ۽ قلندر ريدار ھئا يا ٻڪرار ھئا ۽ اوڻي ھئا. ”ڊاڪٽر جانسن، چوندو ھو تہ اي ظالم! سوچيندڙ جي آواز کان ڊپ ڪر. سائين سوچ اُپ ڦاڙي ڇڏيندو ۽ زمين کي ڏار وجھي ڇڏيندو آھي. ”نيپولين“ چوندو ھو تہ والٽيئر نہ ھجي ھا تہ فرانس جو انقلاب نہ ھجي ھا. والٽيئر چوندو ھو تہ چا ٽي پيو جو مون وٽ تاج ۽ تلوار ناھن. مون لاءِ قلم ڪافي آھي. آئون چوندس تہ اسان سنڌي معاشري ۾ اڄ نہ صرف سوچ جي ارتقا آھي مگر گذريل ڏھن سالن ۾ سوچ نئين انداز عمل ۽ غصي کي اثر انداز ۽ نمودار ڪيو آھي.

سائين: سنڌي معاشرو جو متوازن ھو اڄ معجزي جي صورت اختيار ڪري چڪو آھي. اسان بخوبي واقف آھيون تہ جيمس پھرين جھڙو مفڪر ڊاڪٽر اسرار ۽ راسپوتين جھڙو ميان طفيل کھڙو علم ۽ دماغ رکن ٿا. سائين اسان کي اڄوڪي مصنوعي پرچار مذھب کان بعيد ڪري ڇڏيو آھي. آئون ھنن بزرگن کان اسلام تي ۽ پيغمبر تي تقرير ٻڌندو آھيان تہ اسلام ۽ پيغمبر تي رحم ڪائيندو آھيان. مون کي رسول اڪرم جن جون پيشنگويون دورِ حاضر جي مُلن ۽ فقيھن کي ڏسڻ ۾ خاص نظر اچي رھيون آھن.

سائين آئون اسان جي حاڪمن ۽ مصنوعي عالمن کي عرض ڪندس تہ ھن ملڪ ۽ معاشري جون پاڙون پاتال ۾ آھن. ان کي حيران ۽ پاڳل نہ ٻڻايو. توھان ميرائي تہ ڇڏيو اٿس، پاڳل پڻ تي پھچايو اٿس. توھان سڀ ھٿ ھٽندا ۽ ندامت جي آڱرين کي چَڪ ھڻندا. فطرت جو قانون اسان جي مُلن جي تابع نہ آھي، ۽ نہ ئي انھن کي پچندو ۽ نہ ئي

انهن سان مشورو ڪندو. بقول مولانا عبيدالله، مُلن جو بغداد، سمرقند، بخارا، اندلس ۽ قاهره ۾ جيڪو حشر ٿيو، جيڪو مغرب ۽ مشرق ۾ حشر ٿيو اٿن تاريخ ان جي شاهد آهي.

مون سڄي زندگي 1940ع کان وٺي هندوستان ۽ پوءِ پاڪستان، سنڌ جو چپو چپو ڏٺو آهي. پاڪستان ۾ هر وقت جي حاڪمن کي تمام ويجهو ڏٺو آهي. سنڌن قول ۽ ڪردار کي ڏسندو رهيو آهيان. مون کي زندگيءَ ۾، نوڪريءَ ۾، واسطيداريءَ سان يا دوستي ۾ سڀ واقعات ۽ سڀ شخصيتون بلڪل ويجهو وجي ڏسڻ جو موقعو مليو ۽ آئون انهن سڀني جي ڪردار تي حيران ٿيندو آهيان.

سائين: آئون سنڌ جي مُلن کي بريلوي يا ديوبندي يا وهابي ۽ شڪرقندي يا الانوي يا فلانوي سڏيندو ڏسي ڪلندو آهيان. خدا جا بندا، جن نه بريلوي ڏٺي نه ديوبند ڏٺو نه وري ڪا ڏِسڻ جي اميد اٿن، وتن ٿا هوائي فائر ڪندا. سنڌ شيعي يا سُني ڪشيدگي ۽ جهڳڙي کان پاڪ هئي. سنڌ جو خالص اسلام رهيو جيڪو نبي سڳوري جو اسلام رهيو. سنڌ جي اسلام ۾ سِکن، عيسائين جو يا قاديانين جو يا بريلوين جو يا ديوبندين يا راءِ وندين جو نام ۽ نشان نه هو. سنڌ ۾ عريان پسند اقبال جو به دخل نه هو. اسان سادا غريب مسلمان رهيا آهيون. اسين انهن فحش نظرين ليڪچرن ۽ لباڙن کان بيزار ٿي چڪا آهيون. اسان کي نوان نبي نه کپن، نه ئي اسان جي زمين ۾ نبين جا ڪارخانا لڳل آهن. اسين رلهين ۽ گودڙين جي اسلام جا قائل آهيون. سنڌ ۾ بدعتن جي يلغار اسان مان برڪتون ڪڍي ڇڏيون آهن. اجوڪو اسلام قرلٽ ۽ منافقت جو اسلام رنگ لائيندو نظر اچي ٿو. اجوڪو اسلام پيٽ پرڻ ۽ حاڪمن جو اسلام آهي، جن تلهن کي اسين ٿونا هٽندي ڏسون ٿا.

عزيزو: اسان جناب ميان طفيل ۽ حضرت الطاف قريشي جي گوهر افشانين جو اڳي به گهڻو ٻڌو آهي. مگر هاڻي تازو ڊاڪٽر اسرار به هن شرارت جي لڏي ۾ شامل ٿي ويو آهي. جنرلن وانگر سنڌ سنڌن خاص نظرِ احسان جو شڪار آهي. مشرقي پاڪستان

ڪان پوءِ فوج ۾ سنڌي بغض، تنقيد ۽ حقارت ڀڏندا رھيا. ھي اسلام جا پوڄاري سنڌ متعلق لغو گوئي ۽ گارين ڪان سواءِ ڪڏھن بہ باز نہ آيا. سنڌ سندن پاسرين ۾ ڪُنڊڪي رھي آھي. اسلام جا اُھي علمبردار باب الاسلام کي منھدم ڪرڻ لاءِ تيار ھئا ۽ ھر سازش ۾ مصروف ھئا. اھي عالم ۽ مفڪر سنڌ ۾ خون خرابي نفرت ۽ حقارت جا خاص حامي رھيا. ۽ ڪڏھن بہ سنڌ کي گارين ڏيڻ ڪان گريز نہ ڪيائون. ھن وقت اسان جا ھندوستان مان آيل ھم وطني سندن توجھ جو خاص موضوع آھن. سنڌ ۾ معاشرتي انتشار سندن دلين کي سڪون ۽ دماغ کي تسلي ڏئي ٿو.

سائين منھنجا: مرحوم پِٽي صاحب جي قاسيءَ ڪان پوءِ ھڪ فوجي وزير چيو تہ ھر سنڌيءَ جي شڪل ۾ ڪيس پِٽو نظر اچي ٿو. چند موجود آفيسر اھو ٻُڌندي خاموش رھيا. جنرل صاحب ڪان سندس ڪنھن دوست پڇيو تہ ڇا توھان کي پير پاڳاري جي شڪل ۾ پِٽو نظر اچي ٿو تہ چيائين بلڪل. مون کي پير جي شڪل ۾ پِٽو نظر اچي ٿو. ڇا اسين بہ ائين چئون تہ اسان کي بہ ميان طفيل، ڊاڪٽر اسرار، الطاف قريشي، سردار قيوم جي شڪل ۾ خبر ناھي تہ ڇا ڇا نظر اچي ٿو. جڏھن بہ سردار قيوم، ميان طفيل، ڊاڪٽر اسرار ۽ ڪي جنرل پنھنجو فلسفو ڪٽي سنڌ ۾ اچن ٿا تہ اسان جي دلين کي ڏھڪاءُ ۽ زبان مان ڇيخ نڪريو وڃي. يا الله خير – خبر ناھي ڪھڙو نزلو ڪرندو ۽ ڪھڙو زھر پکيڙبو.

عزيزو: اسلام کي غريبن مان ڪوبہ ڊپ ڪونھي. مسلمان حاڪمن ۽ عالمن تاريخ ۽ اسلام سان راند پئي ڪئي آھي. اسان کي خبر ناھي تہ ابو موسيٰ عامر بن عاص، حجاج بن يوسف جيڪي سڀ عالم ھئا انھن ڇا ڪيو اسان کي خبر ناھي جعفر بن منصور ڇا ڪيو. اسان کي خبر ناھي تہ ھڪ مخمور خليفي ھڪ عورت کي نماز جي امامت جو حُڪم ڏنو ۽ مُلن ان پٺيان نماز پڙھي. ٻئي خليفي ھڪ خواجہ سرا کي امامت ڪرڻ جو حڪم ڏنو، ڇا ٿا پڇو.

اسلام کي ڪُفر ڪان بلڪل ڊپ ناھي. ڪفر جي وچ ۾ تہ پيدا ٿيو ۽ ڪامياب ٿيو، پکڙيو. مگر اڄ اسلام کي اگر ڊپ آھي تہ مسلمان حاڪمن جي منافقت، درندگي، ذلت ۽

بي ايماني کان آهي. اڄ ڪلهه جي غريب جي اسلام ۽ ايمان ڪي آزمايو پيو وڃي. الله رحم ڪري، قدرت جو قانون خبر ناهي ته ڪهڙا ڦات ڦاڙيندو.

سائين منهنجا: اديون سائٽيون اڇو ته توهان کي اسان جي اڄوڪي هڪ عجيب غريب قسم جي فڪري تاريخ ڏانهن متوجهه ڪريان. اها اسان جي قوم ۽ معاشري جي بدنصيبي رهي آهي، جو جڏهن به مطلق العناني يا مارشل لا جو دور آيو آهي ته علم دانش، درس تدريس، خلوص اخلاق جي توهين ۽ بي قدري ڪئي ويئي آهي. اها فضا 1953ع کان شروع ٿي جڏهن آمريت جهنڊو کوڙيو، ۽ نادر شاه وانگر تلوار زمين ۾ بيهاري. اڄ اسين هن دور ۾ انهيءَ ڪيفيت تي پهتا آهيون.

سائين: ٽالسٽاءِ چيو ڳالهيون سڀ عوام جون ڪندا مگر نه هنن جي پُٺن تان لهندا نه ئي انهن جي ڳِچيءَ مان هٿ ڪيندا ۽ وري چيائين جنرلن جي فلسفي کان خدا بچائي.

چيسٽرٽن: چيو ته گهٽي ڳالهائيندڙ ۽ تقرير ڪندڙ جنرل کان خدا بچائي. جيڪڏهن هو سنو مقرر آهي ته اڃا به وڏي مصيبت آهي. توهان کي خبر آهي ته انگلنڊ جي هڪ جنرل جڏهن ملڪ جي قانوني ۽ صدين جي مجلس عام کي ختم ڪيو ته تقريرون شروع ڪيائين. ۽ جڏهن مئو ته سندس لاش قبر مان ڪڍي لنڊن جي گهٽين ۾ ڦيرايو ويو ۽ سندس سِر ڌڙ کان ڌار ڪيو ويو. ۽ سندس کوپڙي صدين کان پوءِ اڄ به نيلام ٿي رهي آهي. سائين، الله بي پرواهه آهي، حاڪميت خدا کي جڳائي. اسين پاڳلن جي هٿ چڙهي ويا آهيون.

عزيزو: 1947ع کان پوءِ سنڌ نه صرف ڪشمڪش ۾ رهي مگر هر طرح سان سندس شڪل ۽ انداز بدلجڻ لڳو. نئين ملڪ مان ماڻهو ڪيترن مختلف ماحولن مان ڪيترين مختلف زبانن سان ڪيترن مقصدن سان هِتي آيا. سنڌ جو سڄو وايو منڊل ۽ معاشرو هڪ عجيب ۽ غير متوازن نموني هلڻ لڳو. سياسي، ادبي، لساني تعلقات، تجربات ۽ ماحول پيدا ٿيا. سنڌ جي صورت بدلجي ويئي. اسان جا هندوستان مان آيل هم وطني پاڻ سان هڪ اجنبيت کڻي آيا جيڪا انهن سنڌ تي ۽ سنڌي معاشري تي مسلط ڪرڻ تي گهري ۽ انهي ڪوشش کي غير فطري نه سمجهيائون. ڏاڍائيءَ کان ڪم وٺي سنڌ جو حليو ۽ نقشو بدلائڻ تي گهريائون ۽ اُن کي آسان تي سمجهيائون. وقت گذرندو ويو تان جو 1967ع کان ڀٽي صاحب جي پيپلز پارٽي جي طرفان 1970ع جي اليڪشن ۾

1972ع مشرقي پاڪستان جي وڃڻ سنڌن پيرن هيٺان زمين ڪڍي ڇڏي ۽ سنڌن اکين اڳيان هڪ نئون منظر نمودار ٿيو. آهستہ آهستہ سر زمين سنڌ کين جبرن پنهنجي لپيٽ ۾ وٺڻ لڳي. حالتون سنڌن قبضي کان ٻاهر نڪرڻ لڳيون. سنڌن دماغن مان هوائي قلعا گُم ٿيڻ لڳا. سنڌ جي سر زمين سنڌن زبان ۾ آهستہ آهستہ سمائڻ لڳي. آهستہ آهستہ نوان سنوان پيدا ٿيا، جيڪي ڇڻ نہ سنڌي هئا نہ هندوستاني. وقت منجهن ۽ سنڌن بزرگن کي ختم ڪيو. سنڌ جي سرزمين جيڪا اڳي سنڌن لاءِ مسئلو هئي تنهن کي ويجهو اچڻ لڳا. پٽي صاحب جي حڪومت سنڌين جي حڪومت ٿي نمودار ٿي. خود غرضي ملڪيت، دنياوي ترقي، واپار ۽ صنعت کين حڪومت جي طرفان مائل ڪيو. ۽ اسان ڏٺو تہ نشست برخواست جون روايتون سلام تسليم جون روايتون ڦِرڻ لڳيون. وقت سنڌن چهرن ۽ لباس تي اثر انداز ٿيو آهي. شيون جن سان سنڌ جي صدين کان وابستگي هئي جيڪي سنڌن لاءِ هن کان اڳ بعيد، ٻاهريون ۽ پَرايون ٿي لڳيون سي انهن پنهنجون ڪرڻ شروع ڪيون. سنڌ جا ڳوٺ شهرن تي اثر انداز ٿيڻ لڳا. ڪراچي، حيدرآباد ۽ سکر واري ڏيڍرن واري زندگي برقرار رکڻ مشڪل ٿي پئي. شهرن ۾ گهُٽن پيدا ٿي. ڳوٺاٽي سنڌ کان ڏار رهڻ مشڪل ٿي پيو. ڪراچي، حيدرآباد ۽ سکر هڪ قسم جا زمين تي بيٺ پيدا ٿي پيا. 1977ع ۾ جيڪي بہ کين اُميدون هيون اُهي سي نا اُميديءَ ۾ ڦري ويون. جيڪي تمنائون هيون سي خواب ٿي ويون. جيڪي ڪَکِل تي نظر آيا سي هٽن مان ڦرجي ويا. تان جو حياتي جي انقلاب هر طرف هر هنڌ سنڌ کان ٻاهر شين سان الحاق ڳچي ۾ پئجي ويو. ڦرلٽ جي نئين دور سنڌن اکيون کولي ڇڏيون، آهستہ آهستہ جيڪي سنڌ وڃايو، سَنو ۽ ڏٺو تنهن کان پاڻ بہ بچي نہ سگهيا. جن تي پاڻ مدار رکيو اٿن تن کين ڳلي کان جهليو. آهستہ آهستہ هندوستاني اجنبيت کين مشڪلات ۾ وجهي ڇڏيو ۽ اسين ڏسي رهيا آهيون تہ اڄ اُها فضا، اُهي اميدون، اُهي آسرا، اُهي خواب هوا ۾ اُڏي ويا آهن. زندگي ۽ سنڌ جو ماحول پنهنجي رعب ۽ تاب سان اڳيان اچي بيٺو، جنهن کان جند ڇڏائڻ يا پچي بچڻ جي گنجائش نہ رهي، نہ وقت رهيو نہ ڪا ڪاميابي رهي.

عزيزو: چاڪاڻ تہ اسين هڪ ادبي ۽ ثقافتي ادارو آهيون ۽ اسان سان هن ڪم ۾ هر مڪتبہ فڪر جا ماڻهو، هر طبقي جا ماڻهو ۽ هر مذهب جا ماڻهو شامل آهن، اسان جو واحد نظريو سنڌي ادب، سنڌي معاشري، سنڌ جي تواريخ ۽ سنڌ سان تعلق رهيو آهي. 1947ع کان پوءِ جيڪي ڪجهہ ٿيو آهي انهن مسئلن تي غور ۽ فڪر ڪندا رهيا آهيون.

آءٌ اج مختصر طرح مگر چند بنيادي ڳالهين جو ذڪر ڪندس جن جو تجزيو ڪرڻ اج وقت جي اشد تقاضا آهي.

1947ع کان پوءِ اسان وٽ سنڌ ۾ هزارن ۽ لکن جي تعداد ۾ هندوستان مان لڏي آيل هم وطني موجود آهن ۽ اج تقريباً ٻه نسل هتي گذاري چڪا آهن جيڪي هتي ڄايا، نپنا ۽ پليا ۽ جن کي هن زمين ۾ آخري آرام نصيب ٿيندو. سنڌ، سنڌ جو ادب، سنڌ جي ثقافت ۽ اڄ سنڌ جو معاشرو پاڪستان ۾ منفرد حيثيت رکن ٿا. سنڌ کي ڪي خاص فوقيتون نصيب آهن. ادبي، تواريخي، لساني، شخصي، حڪمراني ۽ جاگرافيائي طرح سنڌ هڪ عجيب انفراديت جي حامل هئي جيڪا هاڻ پاڪستان جو ٻيو حصو يا پرڳڻو هٽي نه سگهندو. سنڌ کي هندوستان ۾ به هڪ انفراديت نصيب هئي، سنڌ ۾ ادب ۽ ثقافت، ۽ روايتن ۽ شخصيتن، تواريخي ۽ جاگرافيائي پاڙون ڄمايون هيون جن تي سنڌ کي هزارن سالن کان ناز آهي. سنڌ جي معاشرتي گهراين جو مثال پاڪستان جو ٻيو ڪو به حصو پيدا ڪري نه سگهيو آهي ۽ نه ئي مستقبل قريب ۾ اتي ڪا پيدا ٿيڻ جي اُميد آهي. سنڌ ۾ نه صرف روايتي ادب نظم يا نثر، افسانه يا غزل، مضمون نويسي ۽ لوڪ ادب ملندا مگر اُن سان گڏ تصوف، مذهبي فڪر، انقلابي رجحان ملندا، جن جي سلسلي کي سَون سالن کان دنيا جي اديبن ۽ مؤرخن تسليم ڪيو آهي.

عزيزو: آئون انهيءَ ڳالهه کي ڊيگهه نه ڏيندس مگر ڪجهه ذڪر ڪرڻ جو فرض ضرور آهي. درس ۽ تدريس جي زندگي، تحرير تقرير ۽ مطالعي جي زندگي سنڌي معاشري سان محبت ۽ لگن ۽ سنڌ جي مستقبل تي سوچڻ مون پاڻ لاءِ زندگيءَ جو فرض ۽ مِشن سمجهي آهي. اُنهيءَ فڪر، خوض ۽ شدت احساس اسان کي هِن ڪانفرنس ۽ سيمينار جي موضوع جي انتخاب ڪرڻ تي مجبور ڪيو آهي **"سنڌ سياڻپ"** سيني سنڌ جي رهواسين جي نسلن جو مسئلو آهي. اسان جي نون پراڻن سنڌين جي زندگيءَ جو مسئلو آهي، اسان جي مستقبل تي سوچ اسان جي هر فرد ۽ جماعت تي فرض آهي. آئون انهيءَ سلسلي ۾ تازو چند اردو ۽ انگريزيءَ ۾ لکيل ڪتابن جو ذڪر ڪندس جيڪي اسان جي نون هم وطنين جي تصنيف آهن. آئون انهن ڪتابن کي ڏسي پڙهي حيران ٿيس. مون کي انهن ڪتابن جي پڙهڻ سان نه صرف شبهه پيدا ٿيو مگر ڊپ وٺي ويو آهي. هنن مصنفن پنهنجي جوش، اندازِ فڪر ۽ مطالعي ۽ تجربي اندر لکيا هجن مگر آئون انهن کي پاڪستاني ڪلچر يا پاڪستاني ادب ٿو تسليم ڪريان. آئون 1947ع کان

اڳ هندوستان جي عالمن بزرگن ۽ شخصيتن ۽ ادارن کي احترام ۽ عزت سان ڏسان ٿو ۽ انهن لاءِ منهنجي دل ۾ تعريف آهي. علي ڳڙهه ۾ پڙهي هندوستان جي ڪيترن ادارن جماعتن ۽ شخصيتن کي ڏسڻ ۽ پرکڻ جو موقعو نصيب ٿيو مگر سائين ياد رکو ته اهي سڀ اڄ هندوستان جو ورثو ۽ تواريخي ملڪيت آهن نه پاڪستان جو، سواءِ ڪن تواريخي تعلقات ۽ روايات جي. پاڪستاني معاشري، ادب ۽ ثقافت ۽ روايتن ۾ انهن جو ڪوبہ دخل نہ آهي نہ ئي هئڻ ۽ رهڻ گهرجي. انهيءَ قسم جو تصنيفون، روايتون ۽ مثال جن جون بنيادي پاڙون هندوستان ۾ آهن يا هندوستان جي تخليق آهن تہ اهي پاڪستان جي ثقافت، پاڪستان جي معاشري جي مستقبل لاءِ عام طرح ۽ سنڌ جي ادب، ثقافت، معاشرتي ارتقا ۽ افاديت کي نقصان پهچائي سگهن ٿا. چڱو ائين ٿيندو تہ چاليهن سالن کان پوءِ اسين هندوستان ۽ پاڪستان ۽ خاص طرح هندوستان ۽ سنڌ جي ڪلچر ۽ ادب جي مستقبل تي پاڪستاني معاشري جي تشڪيل ۽ مستقبل کي ادبي ڪاوشن ۾ خيال مان نہ ڪيون. آخر هڪ ڏينهن هندوستان وِسارڻو ضرور آهي. انهيءَ وِسارڻ کان سواءِ پاڪستاني معاشرو عام طرح ۽ سنڌي معاشرو خاص طرح عذاب ڏسندو ۽ وڏين تلخين ۽ دشوارين ۾ رهندو. ائين نہ ٿئي جيئن اسي سالن جي بزرگ ڪيو جيڪو نئون مسلمان ٿيو هو. هِن گهري نندبہ مان اٿندي، اوباسي ڏئي چيو، ”اي رام“ يڪدم مسلمان هئڻ جي ياد پوڻ تي مايوسي مان منهن تان هٿ ڦيريندي چيائين، ”بهائيءَ سو برس ڪام رام ڪب تو ڀولـے گا“ هي آهن اُهي لفظ جيڪي مون پاڪستان جي ھِن مشهور عالمن ۽ اديبن مولانا عبدالرزاق جنهن قرآن جو سنڌي ترجمو ڪيو ۽ تفسير لکيو آهي ۽ پروفيسر محمد سرور کان ٻڌا جيڪو تازو فوت ٿيو آهي ۽ مولانا عبيدالله سنڌيءَ جو شاگرد رشيد هو.

عزيزو: سنڌ ۾ اسان سڀني پراڻن سنڌين يا نون سنڌين کي وطنيت مطابق لکڻ وقت ڪجھ احتياط کان ڪم وٺڻو پوندو. اسان کي سنڌ جي معاشري جي مستقبل جو هر تحرير ۽ تقرير ۾ خيال ڪرڻو پوندو. ”پدرم ڪس م بود“ جو مثال هندوستان جي متعلق ذهن ۾ رکڻو پوندو. 1947ع کان پوءِ هندوستان جي تواريخ کي پاڪستان جي تواريخ کان الڳ ۽ پري رکڻو پوندو ۽ صرف پاڪستان جي ادب ۽ ثقافت ۽ ورثي جي انفرادي ۽ خاص ۽ جامع حيثيت رکڻ لاءِ اسان جي هر قسم جي سنڌ جي شاعرن، اديبن، مؤرخن کي ذهن ۾ رکڻو پوندو. ۽ سنڌ ۽ پاڪستان جي انفراديت کي هندوستان تي

ترجيح ڏيٽي پوندي. 1947ع کان پوءِ پاڪستان جي تواريخ هندوستان جي تواريخ نہ آهي اسان کي انهيءَ ۾ تميز ڪرڻي پوندي، پاڪستاني ڪلچر هندوستاني ڪلچر نہ آهي، پاڪستاني ادب هندوستاني ادب نہ آهي، پاڪستاني فِڪر هندوستاني فڪر نہ آهي. فڪري تخليقات هندوستان کان علحده هڪ پنهنجي انفراديت جي رستي تي هلڻ گهرجي. چڱو آهي تہ اسين هندوستان جي تواريخ ۽ تعلقات کي چاليهن سالن کان پوءِ شدومد سان ياد ڪرڻ ۾ ڪجھ احتياط ڪريون. هندوستان جي ڳالهين تي اصرار يا انهيءَ حالتن جي ياد يا رجحان پاڪستان جي قوميت جي تشڪيل ۽ ترقي ۾ ضرور شبهات ۽ رڪاوٽون پيدا ڪندو ۽ هندوستان جي اثرن هيٺ ۽ هندوستان جي پس منظر ۾ اسان جو ادب، نظم يا نثر، ڪلچر يا ترقيءَ طرف تيزيءَ سان ۽ ڪنهن يقيني ۽ اعتماد سان ۽ اخلاص سان نوس قدم ڪٽي نہ سگهندو ۽ راه راست تي نہ هلندو.

عزيزو! آءٌ ڪتابن ۽ اخبارن جي ذڪر ڪرڻ کان اڳي ۽ خاص طرح اردو اخبارن کي ڪجھ چوڻ کان اڳي اهو ضروري سمجهان ٿو تہ چند ڳالهيون اسان کي ذهن ۾ رکڻ گهرجن، سائين هي منهنجا لفظ جڏهن آءٌ هن دنيا ۾ نہ هجان تڏهن بہ ياد رکجو.

عزيزو! اسان اردو زبان قبول ڪئي آهي ۽ ان کي اسان غير فطري هوندي ۽ قوم جي مشڪلاتن هوندي بہ قومي زبان جو درجو ڏنو آهي. انهيءَ فيصلي پاڪستاني معاشري ۾ ڪيترا مسئلا بہ پيدا ڪيا آهن مگر اسان ان فيصلي کان انحرافي نہ ڪئي آهي. فطرت ۽ تواريخ هِن کان پوءِ ڇا ڪندي اُن جا آثار نظر اچي رهيا آهن مگر آءٌ اُن جو زياده ذڪر نہ ڪندس. ڇا اردو جي قبول ڪرڻ سان اُهو ضروري آهي تہ اسين ان کي پنهنجي زبانن ۽ ادب تي ترجيح ڏيون ڇا اُهو ضروري آهي تہ اسين پنهنجيون لساني، ادبي ۽ تواريخي ۽ جاگرافيائي حقيقتون ۽ روايتون وِساريون خاص طرح انهيءَ حالت ۾ جڏهن اردو اديب، شاعر ۽ مصنف پاڪستان جي حقيقتن کي قبول ڪرڻ ۾ قاصر رهيا آهن. پاڪستاني معاشرو عام طرح ۽ سنڌي معاشرو خاص طرح پنهنجي تواريخي روايتن ۽ نوس ادارن ۾ بلند پايہ شخصيتن ۾ وڏي معيار جو حامل رهيو آهي. اسان تہ اردو کي قبول ڪيو آهي مگر آئون اڄ چاليھ سالن کان پوءِ حق بجانب نہ رهندس جو پڇان تہ ڇا اردو زبان ۽ اردو اديبن پاڪستان ۽ سنڌ کي بہ قبول ڪيو آهي؟ ڇا هندوستان جي فضا جون يادون ۽ براتون ۽ هندوستاني اثرات اڃا بہ اردو تي حاوي رهندا، ڇا پاڪستان ۾ اردو ڪلچر ڪا معنيٰ رکي ٿو تہ پوءِ اسان پاڪستان ناهيو ڇو؟ چاليهن

سالن کان پوءِ چا پاڪستان ۽ سنڌ جون حقيقتون پاڪستان تي اردو تي ڪيتري قدر اثر انداز آهن ۽ ڪيتري قدر فوقيت رکن ٿيون. ڇا اهو ضروري نہ آهي تہ اردو زبان فقط ڳالهائڻ سان نہ پر ان جي ترتيب عبارت، تلفظ سان، امثال، تماثيل، استعارات ۽ روايتن ۾ پاڪستاني خوشبو ملي ۽ منجهائس هندوستاني اجنبيت ختم ٿئي. ڇا هندوستان جي اثر ۽ انداز فڪر کي قائم رکندي اردو جي قومي حيثيت تي اثر نہ پوندو ۽ شبهات سان نہ ڏنو ويندو ڇا اردو زبان ۾ هن وقت نہ صرف رجحان مگر اصرار ۽ غلبو سڄو وقت انهيءَ ادب جو رهيو آهي جو زياده تر فرسوده آهي ۽ پاڪستان جي ثقافت ۽ حقيقتن کان خالي آهي يا صرف مذهبي يا نيم مذهبي يا سطحي مذهبي يا شعر و شاعري يا افسانہ نويسي يا غير فقري يا غير تحقيقي يا تنقيدي يا ترجمي ۽ عريانيءَ تائين محدود رهيو آهي. مطلب تہ هر طرح اردو جي ڪتابن ۽ موجوده تصنيفات ۾ دنيا جي فڪري ۽ تسليم شده ادبي معيار ۽ تحقيقي انداز کي اردو اڃان نہ پهتي آهي آخر ان جي ڇا وجه آهي؟ ڇا اردو فقط سطحي، هوائي، تنقيدي، عرياني ۽ اخباري زبان رهجي ويندي؟ ۽ انهيءَ حالت ۾ بلاشبه پئسي، منافع، مبالغي، مصنوعيت ۽ انسانيت جو شڪار رهندي. ڇا اردو پاڪستان ۽ سنڌ جي فطري انداز کان پري رهندي ۽ ان جي جذبي کان بعيد ۽ ان جي قبول ۽ تسليم ڪرڻ ۾ پنتي رهندي ڇا اڄ ويچاري قائد اعظم ۽ مَلنگ ڊاڪٽر اقبال لاءِ بہ طنز ۽ مذاق جي رسي تي رهندي. اسان جا اديب تہ هنن ٻنهي بزرگن کي مُلا ناهي وينا آهن مگر هر طرح سان سيني طريقين سان اخبارن ۾، ڪتابن ۾، ڪتبخانن ۾ ۽ پريس ۾ سندن هڏا وِڪڻي بہ پئسا ڪمائي رهيا آهن.

عزيزو! هن تمهيد کان پوءِ اچو تہ توهان کي هڪ شديد ۽ افسوسناڪ مثال پيش ڪريان. آئون اڄ ڪتابن ۽ سنڌ ۾ چيپل اردو ۽ انگريزي اخبارن ۽ صحافين جو ذڪر ڪندس. اڄ اسين سندن مهمان آهيون مگر آئون ڪين عرض ڪندس تہ پنهنجيون ذميواريون محسوس ڪن. عزيزو، مون ڪجهه وقت ٿيو تہ هڪ ڪتاب پاڪستان جي لئبرين ۽ ڪتب خانن تي لکيل ڏٺو. آئون اهو ڪتاب ڏسي حيران ٿي ويس. ان ڪتاب جي مصنف پاڪستان جي هڪ بہ لئبرري جو ذڪر نہ ڪيو آهي. سڀ لئبرريون اُهي آهن جيڪي هندوستان ۾ آهن مگر پاڪستان جي نالي ۾ ڪلڪتي، پاٽنا، علي ڳڙهہ، الله آباد، دهلي، لکنو، حيدرآباد دکن ۽ بمبئي جي لئبررين جو ذڪر آهي. ڇا ظلم آهي ڇا جاهليت جو مثال آهي، ڇا پاڪستان متعلق معلومات آهي. انهيءَ شخص کي تہ هندوستان

هئڻ گهرجي ها. سندس پاڪستان اچڻ فضول هو. پاڪستان ۾ رهي پاڪستان جي لئبررين تي لکندي هن پاڪستان ۾ نه ڪا لئبرري ڏٺي نه ڪتب خانو ڏٺو. ڇا هي ڪتاب پاڪستان ۽ انهي معاشري جي توهين نه آهي. ڇا هي ڪتاب پاڪستان جي اردو اديبن تي عتاب نه آهي. ڇا پاڪستان 1947ع کان پوءِ هڪ جاهلن جو ملڪ هو جنهن جي باشندن ڪي ادب، تعليم، مذهب ۾ مطالعي سان ڪابه دلچسپي ڪانه هئي. ڇا سنڌ جهڙو ادب 1947ع کان اڳي ڪيترا هندوستان جا پرڳڻا حاصل ڪري چڪا هئا. 1947ع کان اڳي انگريزن به سنڌي زبان سان تاريخي ۽ ادبي بنيادن جي ڪري هٿ چراند نه ڪئي. اسين 1947ع ته ڇا مگر اڄ به سنڌي ادب جي صحت، توازن، ذخيري ۽ انقلابي حيثيت تي ناز ڪريون ٿا. سنڌ جهڙا ڪتب خانه هندوستان ۾ ڪٿي ۽ ڪيترا هئا. لٻاڙيا پروپئگنڊا بي ڳالهه آهي ادب بي ڳالهه آهي. اردو جون پاڙون ڏيڍ سو سالن جون آهن سنڌيءَ جون پاڙون پنج هزار سال، ڇا هِن قسم جا ڪتاب پاڪستان جي زمين ۾ لکجن ڇا انهيءَ جي باشندن ۽ اديبن جي توهين نه آهن؟

عزيزو! مون کي افسوس آهي ته اسان جي ملڪ ۾ ڇاڪاڻ ته اردو زبان ۽ اردو مصنفن، استادن ۽ صحافين اڃان پاڪستان کي پنهنجو ذهني طرح نه ڪيو ۽ نه سمجهيو آهي اسان جو هي حال آهي. افسوس ۽ حيرت جي ڳالهه آهي ته چاليهن سالن ۾ اردو ۾ هڪڙو به اهڙو ڪتاب نه ڇپيو آهي جو بين القوامي يا ڪنهن به طرح فِڪر ۽ عبارتي معيار جو هجي. اسان اڄ به تعليمي انجمنن ۾ مصروف آهيون ۽ تعليم کي تباهه ڪري رهيا آهيون ڏهن سالن ۾ جيڪا احمقانه تعليمي بي ڍنگي رهي آهي ۽ ترتيبون ڪيون پيون وڃن اُهي هِن قوم کي جاهل، غلام، نا اهل، منتشر ۽ طبقاتي نظرين جي پوري ڪرڻ ۾ ۽ مقصد حاصل ڪرڻ ۾ ڪافي آهن. پاڪستاني زبانون ته پاڪستان ۾ ئي حقير ۽ بي وس آهن. قومي زبان اڃان پاڙون نه جهليون آهن ۽ ذلت ۽ اجنبيت طرف وڃي رهي آهي، باقي هاڻي انگريزي جي پنيان اڃي پيا آهيون ۽ ان کي به ڪمزور ۽ غير موثر ۽ غير مفيد بڻايو پيو وڃي، حاڪمن ۽ جماعت اسلامي جا سڀ هن ملڪ خلاف شيطاني مقصد حاصل ڪرڻ ۽ حَل تي رهيا آهن.

عزيزو: اسان جون لئبرريون خرافات ۽ واهيات ڪتابن سان پريون پيون آهن، انهن ۾ توهان کي ڪي به معياري ڪتاب نه ملندا جيڪي علم ۽ دانش يا مطالعي جي لائق هجن. اسان جي ملڪ ۽ قوم جي، اردو لکندڙن اُها خدمت ڪئي آهي، حڪومتِ

پاڪستان تہ پنهنجي غرور ۽ حاڪميت ۾ مصروف آهي، حڪومتِ سنڌ پنهنجن الجهنن ۾ قاتل آهي ۽ تعليم تباهہ ٿي رهي آهي. سنڌ ۾ لئبررين کي ڏسي شرم ٿو اچي، هر قسم جي نقصان، تعليمي، اخلاقي، اقتصادي ۽ ادبي انحطاط جو اندازو توهان کي اسان جي لئبررين مان ملندو. پري نہ وڃو، ڪراچي جي لئبررين کي ڏسڻ ئي ڪافي آهي. توهان ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن جي لئبررين کي ڏِسي رُئندا.

عزيزو: اردو جا اديب ۽ شاعر ۽ صحافي هندوستان جي يادگيرن، مرثيہ خاني، ترجمي ۽ تنقيد انحماق سان ڪاب‍ہ پاڪستان جي زمين ۽ آسمان قوم ۽ ان جي ترقي لاءِ ڪوبہ قدم نہ کڻي رهيا آهن. سندن پاڪستان جو مطالعو ناقص، معلومات مذاحقہ خيز ۽ گفتگو ۾ ملڪ متعلق تبصرو طفلانہ ٿو نظر اچي. مون کي مجلس ۾ ويهي اُهي حماقتون ٻُڌي حيرت ۽ کِل ايندي آهي. اچو تہ توهان کي هڪ ٻي طرف وٺي هلان.

عزيزو: افسوس هي آهي تہ چاليهن سالن کان پوءِ بہ اردو ۽ انگريزي اخبارون کڻي ڏسندا تہ سنڌ جي ماڻهن، قومن ۽ قبيلن، ڳوٺن ۽ شهرن جا نالا نہ صرف هجہ ۽ تلفظ ۾ غلط آهن بلڪ انهن کي اهڙو خراب ڪن ٿا جو معنيٰ ئي نٽي رهي ۽ جن جو سمجهڻ ۽ تعين ڪرڻ مشڪل ٿيو پوي. پاڪستان ۽ سنڌ جي تاريخ کي مروڙيو ۽ خراب ڪيو ٿو وڃي. توهان کي ٿورا ماڻهو ملندا جي اردو ۾ ۽ انگريزيءَ ۾ اخبارون پڙهن ٿا جن کي ملڪ متعلق ڪابہ خبر يا صحيح معلومات هجي. ڪيترا تعليم يافتہ پڙهيل ڳڙهيل دنيا جي سير و سفر جا مالڪ اسان جا پاڪستاني هم وطني توهان کي ملندا جن لاءِ ديري اسماعيل خان ۽ ديري غازي خان ۾ ڪو فرق ڪونهي، جن کي درياءِ سنڌ جي وهڪري جي خبر ڪانهي، جيڪي چولستان، بلوچستان ۾ سمجهن ٿا، جن لاءِ ميرپور ساڪرو ٿرپارڪر ضلعي ۾ آهي، سجاول سن وٽ آهي، شهدادڪوٽ ۽ شهدادپور هڪ آهن. خيرپور ميرس ۽ خيرپور ناٿن شاهہ هڪ ضلعي ۾ آهن. جيڪي نصيرآباد کي نصرپور سمجهن ٿا. جن لاءِ ٽاٽو بولا خان بلوچستان ۾ آهي. جن لاءِ بدين سانگهڙ ۾ آهي. ۽ ڪين سنڌ جي شهرن ۽ ڳوٺن کي سنڌو دريا جي هڪ طرف کان ٻئي طرف کڻي وڃڻ ۾ ڪابہ تڪليف رڪاوٽ ۽ شرمساري نٿي ٿئي.

عزيزو: هاڻي وقت اچي ويو آهي هِن قسم جي بي پرواهي، لا علمي ۽ لا تعلقي هيءَ زمين برداشت نہ ڪندي. آئون اردو اديبن، شاعرن، صحافين ۽ استادن کي عرض ڪندس، خدارا پنهنجي ۽ پنهنجي نسلن جي مستقبل کي نظر ۽ ذهن ۾ رکو. سنڌ جي

سرزمين کي اپنايو ۽ اُن کي سمجهو. جيڪڏهن اردو زبان ۽ ادب پاڪستان ۽ سنڌ کي پنهنجو وطن جذبي ۽ احساس جو مرڪز نٿا ناهين ته سائين فطرت ڏاڍي زبردست اٿوَ ۽ اردو نه بچندي ۽ هميشه خطري ۾ رهندي. اردو هوا ۾ رهي ته نه بچندي ڪيس زمين تي آڻيو ۽ توهان به اچو. هندوستان جي روايتن حقيقتن جو اردو زبان ۽ ادب تي غلبو اردو کي پاڪستان ۾ تباهه ڪندو ۽ ڪيس قومي درجي تان ڪيرائيندو.

عزيزو: مون درس تدريس، مطالعي ۽ لِکڻ کي زندگي جا اڌ صديءَ سال ڏنا آهن. اڄ مان توهان کي خبردار ڪندس. ياد رکو اردو زبان يقيناً اسان قبول ڪئي آهي ۽ ڪنهن حد تائين اسان جي دماغ تي اثر ڪيو اٿس مگر اسان جي دلين ۾ جاءِ ونڻ لاءِ ۽ محبت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيس اڃان به وڏو ڪم ڪرڻو آهي ۽ وڏو مفاصلو طي ڪرڻو آهي، اردو کي پاڪستاني زبانن لاءِ جاءِ پيدا ڪرڻي پوندي ۽ ناهڻي پوندي. اردو جي الف ب پاڪستان جي ماڻهن عوام ۽ زمين لاءِ اجوڪي حالت ۾ بلڪل ڪارآمد نه آهي. جنهن ۾ اسان جي ملڪ جي ماڻهن، جاين، شهرن، ذاتين قبيلن جا نالا به صحيح نه لِکي سگهجن. اردو جي الف ب ۽ صورتخطي ۾ ڪي حرف وڌايا ويندا جيڪي هن وقت اردو ۾ مروج نه آهن پر جي پاڪستان جي مختلف ٻولين جو اهم حصو آهن. مون کي ڊپ آهي ته اردو برهمڻن جي زبان ٿي ويئي آهي ۽ حاڪمن جي ظلم ۽ استبداد جو ذريعو بڻجي وئي آهي. برهمڻن دنيا جي تاريخ شاهد آهي ته زبانن کي تباهه ڪيو ۽ نابود ڪيو. برهمڻن سنسڪرت ختم ڪئي، عبراني ختم ڪئي. پاڪستان ۾ اردوءَ کي زمين تي اچڻو پوندو ۽ پاڪستان جي عوام جي زبانن تي اچڻو پوندو. هوا ۾ رهي يا ڪُونڊين ۾ اُيري نه سگهندي، ۽ جيڪڏهن عوام جي دلين ۾ جاءِ نه ڪيائين ته نه رهندي نه بچندي. شهري زبان، دنيا جي تاريخ شاهد آهي ته عوام جي زبان نه آهي، ملڪن جون زبانون ڳوٺن جون زبانون آهن ۽ زمين جون زبانون آهن. توهان ابن خلدون، بڪل، بلاذري، طبري ۽ بيڪر کان پڇو. اردو پاڪستان جي زبان ٿيندي ته بچندي ۽ هندوستان جي هوندي ته ختم ٿيندي.

تاريخ اسان کي ٻڌائي ٿي ته برهمڻن جي زبان ۽ شهرن جي زبان ملڪ ۽ قوم جي زبان ٿيڻ ناممڪن آهي، جيستائين ملڪ جي ماڻهن جي روح جي ترجماني يا روايتون اختيار نه ڪري. مگر ايترو چوندس ته جيتري الله تبارڪ زندگي نصيب ڪئي آهي سچ

جو بيباڪ پرچار سنڌ جي خوشيءَ جو اونو ۽ بهتري هميشه منهنجي زنگديءَ جو مقصد رهندو.

عزيزو: پنهنجي تقرير ختم ڪرڻ کان اڳ آئون ٻہ لفظ نوجوانن کي چوندس. خبر نہ آهي چو هر هنڌان ۽ هر طرفان توهان جي تنبيهہ حوصلي ۽ دماغي توازن جي متعلق مون کي چيو وجي ٿو. مون توهان سان زندگي گذاري آهي ۽ ڪاتي آهي. مون توهان سان گڏ سَنو آهي. توهان سان هر مشڪلات ۾ پير ٻڌي بينو آهيان. آئون فخر سان چئي سگهندس تہ زندگي ۾ مون ڏنو آهي ڪنهن کان ورتو ڪجهہ بہ ناهي. 70 سالن کان پوءِ فقط توهان جي خوشي، خوشنودي ۽ پروردگار جي رحم ۾ نظر اٿم.

عزيزو: نوڪري کي ڇڏڻ، لکڻ پڙهڻ ۽ توهان جي خدمت ڪرڻ ۾ باقي ڏينهن حياتي جا گذارڻ خوش نصيبي سمجهان ٿو. آئون توهان کي عرض ڪندس تہ آئون توهان جون حماقتون سمجهي سگهان ٿو. نوجواني جون بيوقوفيون توهان جو ورثو آهي. مگر وقت ۽ زماني توهان کي نہ سيکاريو تہ اسان جي بدنصيبي آهي. جنهن تعليم تربيت توازن نہ سيکاريو اُها فاش ۽ فرسوده آهي. آئون توهان کي صرف دعائن سان ياد ڪري سگهان ٿو. توهان جي مستقبل جو سنوارڻ منهنجي حياتي جي اُميد آهي.

عزيزو: مون توهان جي صبر کي ڪافي آزمايو آهي. ڊگهي تقرير جي مونکي معافي ڏيندا. ويهڻ کان اڳ آئون سيني بزرگن، دوستن، سوچيندڙن، استادن، شاگردن، مَردن ۽ عورتن جو مشڪور آهيان. اسان جون ڪمزوريون ۽ ڪوتاهيون معاف ڪندا. هي جيڪو ڪجهہ ڏِسو ٿا اسان جيڪو پروگرام پيش ڪيو آهي اهو سڀ محنت ۽ پِنڻ جو نتيجو آهي. آئون انهن سيني دوستن جو مشڪور آهيان جِن اسان جي هن پروگرام ۾ مدد ڪئي آهي. آئون سنڌن ٿورائتو آهيان جو مون مان بيزار نٿا ٿين ۽ وٺن وڃڻ تي گهرن مان ڊوڙائي نٿا ڪين ۽ منهنجي تقاضائن کي بوجهہ نٿا سمجهن. آئون محترمہ بي نظير صاحبہ، ڏاڏي شمس عباسي، سائين مخدوم طالب الموليٰ، ليدي صغريٰ هدايت الله، منهنجي عزيز دوست مجحمد ابراهيم جويو، سراج ميمڻ ۽ دادي ليلا جو مشڪور آهيان. آئون انهن سيني پوڙهن ۽ نوجوان مَردن ۽ عورتن جو ٿورائتو آهيان جن مقالا لکيا آهن ۽ پڙهندا. آئون انهن نوجوانن ۽ نياڻين جي تعريف ڪندي نہ رهندس جيڪي ايڏي جفاڪشي ڪندي اسان سان ٻانهن ٻيلي ٿي بينا آهن.

ويچارو ڊاڪٽر اياز قادري اسانجو جنرل سيڪريٽري وڏي امتحان مان گذريو آهي. آئون پنهنجي آفيس ۾ ڪم ڪندڙن کي شاباس ڏيندس جن رات ڏينهن ڊوڙ ڊڪ ڪئي آهي. ۽ منهنجي وٹ پڪڙ ۽ چڪتاڻ کي خنده پيشاني سان برداشت ڪيو اٿن ۽ سَنو اٿن. آئون انهن دوستن جو شڪر گذار آهيان جن اسان جي پيٹ جي پرگهور ڪئي آهي. الله سائين کين اَجر ڏيندو.

مهرباني –

واللّٰهُ المَستَعانُ وَعَلِيّه التَكلانُ